مئي 2015 ۾اعلي سطحي ميمبرن جي پينل جو اعلان ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف بهترين ۽ موثر پسمنظررکندڙ شخصيتون هيون.ڪرسٽينا جارجياڪي شريڪ چيئرمين طور شامل ڪيو ويو، جيڪا ان وقت يورپين ڪميشن۾ بحيثيت بجيٽ ۽ انساني وسائل مهيا ڪرڻ لاءِ وائيس پريذيڊنٽ هئي، ۽ سلطان نذرين شاه ملائيشيا جو حڪمران ه هو.
**نل ۾ شريڪ ميمبرن جي مڪمل تفصيل ضميمي نمبر هڪ ۾ ڏنل آهي.**

جنوري 2016 ۾ اعلي سطحي پينل ”انتهائي اهم نا ڪام ٿيندڙ انساني همدردي لاءِ مالياتي ڪمي کي ختم ڪرڻ“ بابت هڪ رپورٽ پيش ڪئي، جنهن ۾گرانڊ بارگين جي مشهور عنوان سان تصورمتعارف ڪرايوويو؛**(مڪمل سيٽ ضميمي نمبر 2 ۾ لڳل آهي.)**

1. ضرورتن کي گھٽائڻ هڪ گڏيل ذميداري

2. وسائل جي بنياد تي انساني عملن کي اونهون ۽ وسيع ڪرڻ.

3. ادائيگي کي بهتر ڪري قابليت جي بنياد تي گرانڊ بارگين حاصل ڪرڻ.



**گرانڊ بارگين جي پٺيان اها منطق رکيل** آهي ته جيڪڏهن عطيو فراهم ڪندڙ ۽ ادارا/ ايجنسيون پئي تبديليون ڪري سگهن (مثال طور جيڪڏهن عطيو فراهم ڪندڙ پنهنجا حدف گهٽ ڪري وڌيڪ شفاف طريقي سان ڪيئن سرمايو خرچ ڪن) ماڻهن تائين وڌيڪ بهترطريقي **۽ آزادي سان امداد جي رسائي، ۽ مالياتي فائدا سڌو سنئون متاثره آبادي تائين پهچائڻ.** اها اميد ڪئي وئي هئي ته مهارت وڌيڪ هڪ ارب ڊالر تائين بچت جو سبب بڻجندي. اهو ذهن نشين ڪرڻ انتهائي ضروري آهي ته گرانڊ بارگين جو عملي حل مالياتي خساري جو رخ موڙڻ نه هو، رپورٽ جي پهرين ٻن بابن جواهو خلاصو هيو.

## گرانڊ بارگين بابت ڳالھ ٻولھ

گرانڊ بارگين جو اصل مقصد هيو ته پنج وڏن عطيو مهيا ڪندڙ ن ۽ اقوام متحده جي ڇھ وڏن ادارن سان خصوصاً اعتماد جي ڪمي کي گهٽائڻ جي لاءِ معاهدو ڪرڻ هو.

انهي معاهدي ڪرڻ کان پوءِ تجويز ڪيو ويو ته آءِ سي وي اي، ڪرسٽينا جيار جيوا کي خط لکي انهي ڳالھ کي تسليم ڪندي زور ڏي ته امدادي ڪمن جي عمل درآمد ۾ اين جي اوز اڳڀريون آهن ،انهن کي پڻ ڳالھ ٻولھ جي عمل ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. ان جي نتيجي ۾ ٽن اين جي اوز جي جماعت (آءِ سي وي اي، انٽر ايڪشن ۽ اسٽيئرنگ ڪاميٽي فار هيومينيٽيرين ريسپانس ”ايس سي ايڇ آر“)ڳالھ ٻولھ ۾ شامل ڪيون ويون، انهن سان گڏو گڏ آءِ ايف آر سي، آءِ سي آر سي ۽ عطيو مهيا ڪندڙن جي گهٽي تعداد ۽ ادارن کي پڻ شامل ڪيو ويو.

**”شيرپاس“ يا ڳالھ ٻولھ ڪندڙ.**

گرانڊ بارگين جا ڳالھ ٻولھ ڪندڙ انهن ادارن جانمائنداهياجيڪي گرانڊ بارگين جي ڳالهه ٻولهه۾شامل هيا.فيبروري ۽ مئي 2016 جي دوران چار گڏجاڻيون ٿيون(گڏجاڻين جي رپورٽ صفحي جي آخر ۾ ڏسي سگھجي ٿي.) شير پاس. ڪيترين ئي تجويزون تيار ڪيون جيڪي 10 ڪم جي طريقن ۾ ورهايون ويون.

| عطيو فراهم ڪندڙملڪ | | ادارا | |
|---|---|---|---|
| **1.** آسٽريليا | **14.** برطانيه | **16.** ايف اي او | **29.**ڊبليو ايڇ او |
| . **2.**بيلجيم | **15.**آمريڪا | **17.** آءِ سي آر سي | **30.**ورلڊ بينڪ |
| **3.**ڪئينيڊا | | **18.** آءِ سي وي اي | |
| **4.** ڊينمارڪ | | **19.** آءِ ايف آر سي | |
| **5.** ئي سي ايڇ او | | **20.** انٽر ايڪشن | |

| | | |
|---|---|---|
| **2.**اهم رد عمل ڏيڪاريندڙ | سوئيزر لينڊ | آءِ ايف آر سي |
| **3.**مالياتي بنياد تي پروگرام | برطانيه | ڊبليو ايف پي |
| **4.**انتظامي ڪمن جي خرچن ۾ ڪمي | جاپان | يو اين ايچ سي آر |
| **5.**وڌيڪ ضرورتن جوگڏيل ۽ غير جانبدارانه جائزو | ئي سي ايچ او | اوسي ايچ اي |
| **6.**اڪثريت جي شموليت | آمريڪا | ايس سي ايچ آر |
| **7.** گھڻن سالن تي مشتمل انسانيت جي لاءِ وڌيڪ مالي مدد | ڪئنادا | يونيسيف |
| **8.**گهٽ نشاندهي ڪرڻ | سوئيڊن | آءِ سي آر سي |
| **9.**هم آهنگ/آسان رپورٽنگ جون گهرجون | جرمني | آءِ سي وي اي |
| **10.**ترقي ڏيندڙ ڪردارن ۽ انسانيت لاءِ ڪم ڪندڙن ۾ تعلق مضبوط ڪرڻ. | ڊينمارڪ | يو اين ڊي پي |

## .1 شفافيت

گرانڊ بارگين جي شير پاس پاران حقيقي ذميداريون؛ امدادي تنظيمون ۽ عطيو ڏيندڙذميداريون ادا ڪرڻ لاءِ راضي ٿيا؛

(1) استنبول ۾ ٿيندڙ عالمي انساني گڏجاڻي جي ٻن سالن اندر تمام گهٽي معياري ، شفاف ۽ هم آهنگي واري معلومات وقتي ڇپرائڻ . اسين غور ڪندا سين ته آءِ اي ٽي آءِ عام معياري بنيادجي مهيا ڪندو...

(2) اهم ڪمن کي بيان ڪندي، تنظيمن، ماحول ۽ حالتن جي معلومات جو صحيح تجزيو، (مثال طور تحفظ، جهڳڙن وارا علائقا).

(3) ڪليل عوامي معياري معلوماتي مدد کي يقيني بڻائڻ ۽ ڊجيٽل پليٽ فارم کي بهتر ڪرڻ ؛

ـ عطيو ڏيندڙن ۽ رد عمل ڪرڻ وارن جوظاهري معلومات جي بنياد تي جائزو وٺي احتساب ڪري ته جيئن جائزو وٺي نجات حاصل ڪجي.

ـ بهتر موصول ٿيندڙ معلومات جي بنياد تي فيصله سازي ۾ بهتري اچڻ.

ـ عام معياري معلومات رپورٽ ڪرڻ جو مقصد آهي عطيو/سرمايو مهيا ڪندڙن جو وقت سر بار گهٽائڻ

ـ لين دين جي تسلسل ذريعي عطيو فراهم ڪندڙ ن کي تشخيص ڪرڻ جيستائين ڪم مڪمل ڪجي.

ـ جتي متاثره ماڻهن لاءِ ممڪن هجي رد عمل ڪجي .

(4) سڀني شراڪت دارن جي پهچ۽ وسعت لاءِ مواد ڇاپيو وڃي.

شريڪ منتظم؛ **عالمي بينڪ ۽ هالينڊ.**

مددي رابطه؛ ، **ترقياتي قدم، شارلوٽي لئٽيمر** Charlotte.Lattimer@devinit.org

**ڇا پيو** ٿئي؟

**هالينڊ ترقياتي قدم ڪٽندڙ تنظيم (DI) جو شراڪت دار ٿيو، تنظيمون بنيادي مطالعي کي جاري رکنديون،**انهي تفصيل سان ته جيڪي تنظيمون International Aid Transparency Initiative (IATI)کي جوابده آهن ۽ ان عمل دوران کهڙن مسئلن کي تنظيمون منهن ڏين ٿيون. هالينڊ ۽ ڊي آءِ سپن گرانڊ بارگين تي صحيح ڪندڙن ۽ سڀني دلچسپي رکندڙ پائيوارن سان گڏ **سروي ڪرائڻ، شناخت ڪرڻ ۽ تجزيو ڪرڻ** يا ڪنهن گهٽ وڌائي تائين پهچندي. مئي 2017 تائين هڪ اختصاري رپورٽ جنهن ۾ تجويزون ڏنيون وينديون پيش ڪئي ويندي، جون 2017 ۾ وقت تي گرانڊ بارگين

جي گڏجاڻي جي موقعي تي(ئي سي او ايس او سي کان ڪجهه پهريان) ٻئي قدم کڻندا. جيڪي مسئلا شناخت ٿيندا انهن تي بحث مباحثو ٿيندو.

صفحو 4

آءِ اي ايس سي جي انسانيت جي لاءِ **هيومينيٽيرين فنانسنگ ٽاسڪ ٽيم** (مالياتي ٽاسڪ ٽيم) (ايچ ايف ٽي ٽي)، آءِ اي ٽي آءِ ۽ مالياتي ٽريڪنگ سروس ۾ باهمي رابطن لاءِ رهنمائي ڪندي .

توهان ان ۾ ڪئين شامل ٿي سگهو ٿا؟

- آءِ اي ٽي آءِ جي متعلق وڌيڪ معياري معلومات ڇاڻڻ لاءِ ڏسو .http://iatistandard.org/

- **ڊي آءِ ۽ آءِ اي ٽي آءِ ويبنارس جو هڪ سلسلو منعقد ڪندا.**هڪ ابتدائي تعارفي ويبنار (23 فيبروري 2017) تي انسانيت جي پسمنظر ۾ آءِ اي ٽي آءِ معياري معلومات لاءِ منعقد ڪيو ويو؛ ۽ هڪ ٻيوتعارفي ويبنار ڏيکارڻ لاءِ (2 مارچ 2017)تي شروع ڪيو ويندو؛ هڪ انساني معلومات جو رهنما ئي لاءِ ڪتاب ڇاپجي آءِ اي ٽي آءِ معياري معلومات وارن لاءِ". ان جي ريڪارڊنگ جا لنڪس اميد آهي ته ايندڙ هفتن ۾ ورهايا ويندا.

- **2017 جي آءِ سي وي اي سالانه ڪانفرنس جي دائري تي آءِ سي وي اي ۽ ڊي آءِ 29 مارچ تي ورڪ شاپ منعقد ڪندا،**

**آءِ سي وي اي جونظريو**

- هي ڪم امدادي ادارن کي ،آءِ اي ٽي آءِ معياري معلومات جي اداري کي رپورٽ ڪرڻ لاءِ همتائيندو۔ ٽيڪنيڪل ڇپائي جو ڪم ٻي مليل معلومات سان پيٽائڻ جي اجازت ڏيندو.

- آءِ سي وي اي گرانڊ بارگين جي ٻين متعلقه ذميدارين سان گڏ آءِ اي ٽي آءِ معياري معلومات جو ادارو غور ڪندو.خصوصاً متناسب ۽ آسان رپورٽنگ لاءِوضاحت ڏيندو ته مالياتي ٽريڪنگ سروس کي بطور رپورٽنگ پليٽ فارم استعمال ڪجي.

-- آءِ سي وي اي اهي معيار اختيار ڪيا جن شراڪت دارن جي سمجهڻ جي طاقت کي تقويت ڏنيءِ زور ڏنو ته عطيو ڏيندڙن انهن واعدن کي اهميت ڏني آهي جيڪي ٻين جي بدران آءِ اي ٽي آءِ معياري معلومات جي اداري رپورٽ ڪيا،

**2. قومي ۽ مقامي ذميوار/ذميدار (مقامي بڻائڻ)**

گرانڊ بارگين جا شراڪت داراصل ذميدارين تي متفق آهن؛ امدادي تنظيمون ۽ عطيو فراهم ڪندڙ ادارا متفق آهن ته؛

(1)گهٽن سالن تي ٻڌل/مشتمل سرمائي کي وڌائي ، تياري، رد عمل ۽ رابطي جي صلاحيت کي ، خصوصا مشڪل/نازڪ حالات جي پس منظر ۾، ۽ جتي معاشرا مسلح جهگڙن،تباهي، مسلسل هنگامن ۽ موسمي تبديلين جا شڪار هجن اتي مقامي ۽ قومي ادارن جي ذميوارن/ذميدارن جي اهليت کي وڌائڻ. اسان کي اهو ترقي ڏيندڙ شراڪت دارن سان رابطي کي مضبوط ڪري ، ۽ شراڪت داري جي معاهدي جي مضبوطي سان حاصل ڪرڻو آهي.

(2) بهتر نموني سمجهي اهڙين رڪاوٽن کي گهٽ يا ختم ڪجي جيڪي تنظيمن ۽ عطيو مهيا ڪندڙن کي قومي ۽ مقامي زميدارن جي شراڪت کان روڪين ٿيون ،جيڪي انهن جي انتظامي ذميدارين کي گهٽ ڪن ٿيون.

(3) قومي رابطي جي نظام کي همٿايو ۽ پورو ڪيو وڃي جتي موجود هجي ۽ قومي ۽ مقامي ڪم ڪندڙن کي انسانيت جي اصولن پٺاندر بين الاقوامي رابطي جي نظام ۾ مناسب طور شامل ڪيو وڃي ۽.

(4) 2020 تائين مجموعي طور دنيا جو رکيل تخمينو جيڪو لين دين جي خرچ کي گهٽائي، نتيجن کي بهتر ڪري متاثره ماڻهن تائين رسائي گهٽ ۾ گهٽ 25 في سيڪڙو/صد انسانيت جي مقامي ۽ قومي سطح جي لاءِ مالياتي عمل ۾ ڪم ڪندڙن تائين حاصل ڪري وٺي.

(5) انٽر ايجنسي اسٽينڊنگ ڪاميٽي(آءِ اي ايس سي) سان گڏجي ، سڌي ۽ اڻ سڌي سرمايه ڪاري جي مقامي طور نشاندهي ڪري مقامي ۽ قومي ذميدارن جي حوالي ڪري ان ڪي جانچيو وڃي .

(6) مالياتي ذريعن جو بهتراستعمال جيڪو مقامي ۽ قومي مدد ڪي وڌائيندو، جهڙي طرح اقوام متحده جي اڳواٽي ۾ ملڪي بنياد تي (سي بي پي ايف )، آءِ ايف آر سي ڊزاسٽر رليف ايمرجنسي فنڊ(ڊي آر ئي ايف) ۽ اين جي او جي سربراهي ۾پين فنڊن ۾سرمايو گڏ ڪيو ويندو.

شامل منتظم؛ **آءِ ايف آر سي ۽ سوئيزر لينڊ**

مددي رابطه؛ **ايني اسٽريٽ ، سي اي ايف او ڊي،**astreet@cafod.org.uk

**اجئي ميڊي والا، آءِ ايف آر سي،**ajay.madiwale@ifrc.org

صفحو 5

**ڇا ٿيو ٿيو؟**

-(فيبروري 2017) تائين ورتل ڪوشش سبب انهي ڪم جي نظام جي بنيادي طرح 5 نمبر نقطي تي زور ڏنل هو.هڪ ”آءِ اي ايس سي پلس“ گروپ ماهانه بنياد تي گڏجاڻي ڪندا ته مقامي درجه بندي جي بين طريقن تي غور ڪجي

- آءِ ايف آر سي ۽ سوئيزر لينڊ گرانڊ بارگين جي پائيوارن جي لاءِ ورڪشاپ منعقد ڪندا ته جيئن انهي ڪم جي نظام ڪي فيبروري 2017 جي آخر تائين سڀني ڇهن نقطن تي غورڪجي.

**ان ۾ ڪيئن شامل ٿيڻ گهرجي؟**

- مقامي درجه بندي جي وصف جي لک پڙه مهيا ڪرڻ تائين آءِ سي وي اي جا ميمبر ان ڪم جي نظام ۾ اڳيئي پنهنجو ڪردار ادا ڪن پيا.اهي آءِ سي وي اي ذريعي انسانيت لاءِ مالياتي ڪم ڪندڙ گروه جون / يا آءِ اي ايس سي انسانيت جي لاءِ مالياتي ٽاسڪ ٽيم جون خدمتون حاصل ڪري سگهن ٿا.

**آءِ سي وي اي جو خيال**

- آءِ سي وي اي سمجهي ٿي ته گرانڊ بارگين جي ڪمن مان ڪم جو اهو نظام مکيه آهي.

- جيئن فيبروري 2017 تي مقامي درجه بندي تي وڌيڪ بحث ڪيو ويو، ان ڪي متفقه طور تي يقيني بڻايو وڃي؛

1- قومي يا مقامي ڪردارادا ڪندڙ ڪنهن ڪي سمجهيو وڃي،

2- ان جي تشريح ڪرڻ ته ”سڌو سنئون سرمايو ڪيئن اچي“ ،۽

3- ڪهڙو رستو اختيار ڪيو ويندو(مثلاً سرمائي جي مختلف قسمن ۾ بي ڪا مدد ملندي)

- آءِ سي وي اي مالياتي خوبي سان گڏ ان جي ڪثرت تي پڻ زور ڏنو، انهن جي مسئلن جي مونجهاري ۽ ان جي پهچ جي چڪاس خصوصاً ملڪي تناظر ۾ڪرڻ تي زور ڏنو.

- ۽ بين رابطن جي شڪل ۾ آءِ سي وي اي سرمائي جي موقعن ڪي وسعت مطابق پنهنجي الڳ ذريعن سان پڻ وڌائيندي .( آءِ سي وي اي پنهنجي چاڻ پارٽنر ڪئپيسٽي اسيسمينٽ تحت وڌائيندي)

## -3 ماليات جي بنياد تي پرگرام

گرانڊ بارگين جا شراڪت داراصل ذميدارين تي متفق آهن؛ امدادي تنظيمون۽عطيو فراهم ڪندڙ ادا ادارا متفق آهن ته؛

(1) معمول جي رقم جي استعمال ۾ بين لوازمات سان گڏ اضافو ، جنهن ۾ مخصوص مدد خدمتن جي پورائي(مثلاً صحت ۽ خوراڪ) ۽ رسيدون. ملازم جانچ ڪرڻ جي درجه بندي ۽ نتيجن ۾ واڌ آڻڻ.

(2) خطرن کي گهٽ ڪندي هرتناظر۾ نئين انداز سان سرمايو لڳائيندا جيڪو مقدار ۾ وڌي سگهندو، بهترين طريقي سان چاٽندي ۽خدمت جي درجه بندي انهي رستي کي ڪشادو ڪندي.

(3) شهادت/گواهي جي بنياد تي خرچ جي طريقي جو جائزو وٺڻ ، فائدو،اثرات،۽ مالي خطرو(حفاظت سان گڏ) جنسي شين جي مدد سان تعلق رکندي ،خدمتن ۾ رڪاوٽن ۽ رسيدن ،۽ انهن جي ميلاپ جوجائزو وٺڻ .

(4) فائدن ۽ خطرن کي سمجهندي ، معلومات ڏيڻ، معيار بهتر ڪرڻ۽ مالي پروگرامن ۾ مدد ڪرڻ .

(5) رابطي ، پهچ، نگراني بابت جانچڻ جي نظام ۽ ان کي مالياتي منتقلي جي نظام ۾بيهارڻ کي يقيني بڻائڻ.

(6) موجوده گهٽ سطح جي مالياتي پروگرامن جي استعمال کي وڌائڻ جو مقصد آهي ته ڪجھ تنظيمون ۽ عطيو ڏيندڙ ادارا پنهنجا حدف مقرر ڪن.

شريڪ منتظم؛

**ڊبليو ايف پي ۽ ڊي ايف آءِ ڊي**

معاون رابطا- **سي اي ايل پي؛ ڪيرولين هولٽ** cholt@cashlearning.org

**ڊبليو ايف پي ؛سلوانه جيو فريڊا** Silvana.giuffrida@wfp.org ( ڊبليو_ايف پي اقتصادي معلومات ڪورس)

صفحو 6

**ڇا پيو ٿئي؟**

**- شريڪ منتظمين ڪم جي منصوبي کي جلدي تقسيم ڪرڻ لاءِ آخري شڪل ڏني.**

- ڊبليو ايف پي، يو اين ايچ سي آر ۽ او سي ايچ اي چئن ملڪن تي "مالي تياري" آزمائڻ جو آغاز ڪيو ته جيئن ادارن جي اندر ان مالياتي تياري کي وڌائجي، جيڪڏهن اهو تصوروڏي پيماني تي سمجھ ۾ اچي ته ان کي سپني انساني دائرن ۾ ڦهلائجي.

- سٺو انساني همدردي لاءِ عطيو ڏيندڙگروپ ٺاهيو مالياتي ڪمن جي لاءِ جنهن جي اڳواٽي شريڪ منتظمين برطانيه ۽ ناروي ڪندا.

- ڊي ايف آءِ ڊي هڪ مطالعو تيار ڪيوآهي، جيڪو ترقياتي قدم ا سان شروع ڪيو، ان مدد جو مالياتي بنيادن تي معياري ڪاٿو ڪري ۽ تجويزون تيار ڪري ته ماليات کي انسانيت جي لاءِ ڪيئن استعمال ۾ آڻجي .

- او ڊي آءِ مشورن تي مشتمل اعلي سطحي پينل نموني طور ماليات لاءِ جوڙيو ته انهن ملڪن ۾ مالياتي پروگرامن کي نموني طور وڌائجي (نيپال، يوڪرين، عراق، وغيره.) .

- گرانڊ بارگين سان ڪيترين ئي معاهدو ڪندڙ اين جي اوپنهنجو واضح امدادي مالياتي حصو پروگرامن جي ذريعي جمع ڪرايو.

- مالياتي سکيا جي شراڪت دار(سي اي ايل پي) ايچ ايل پي جي تجويزن جو مجموعي سرشتو تيار ڪيو آهي،ته جيئن ئي سي ايچ او جا 10 اصول،۽ گرانڊ بارگين جا نقطا جامع طرح اڳتي وڌن. سي اي ايل پي اهو سرشتو استعمال ڪري وڌيڪ تفصيلي تجزيئي لاءِ "ماليات جي دنيا" جي رپورٽ ڏيندي ته گرانڊ بارگين جي ماليات سان متعلق نقطن تي عمل در آمد ڪجي.

**ان ۾ ڪيئن شامل ٿجي؟**

- ڊبليو ايف پي وٽ آن لائين تربيت جو انتظام موجود آهي ته ڪيئن مالياتي پروگرامن جو نندين اين جي او ۽ عام معاشري ۾بنيادي تعارف ڪرائي ڪارآمد بڻائي عمل درآمد ڪجي .

- عالمي مالياتي اين جي او وڪالت جي چارج شامل ٿي سگهن ٿيون. اين جي او جنيوا ۾ حاضرٿي مالي ڪمن جي گروه ۾ شامل ٿي سگهن ٿيون.

- سي اي ايل پي رڪن رپورٽ جي عمل ۾ حصو وٺي "مالياتي دنيا" جي سرشتي کي آخري شڪل ڏئي سگهن ٿا.

**آءِ سي وي اي جو خيال؛**

- بحيثيت شريڪ منتظم ڪم جي سلسلي کي آسان، متناسب،۽ رپورٽ جي ضخامت کي گهٽ ڪجي، آءِ سي وي اي اهڙن تجويزن بابت غور ڪري ٿي ته مالي معاونت جي اهڙين وڌيڪ اضافي رپورٽن کي ضم ڪجي.

- خطرن کي گهٽائيندي مالياتي حجم جي نموني ذميدارين کي مقاميت سان ملائجي.

صفحو 7

## 4-انتظامي خرچن ۾ ڪمي آڻڻ

وڏي فائدي جا شراڪت داراصل ذميدارين تي متفق آهن؛ امدادي تنظيمون ۽ عطيو فراهم ڪندڙ جيڪي ڪم ادا ڪندا؛

(1)خرچ گهٽ ڪري ٽيڪنالاجي(جيڪا سائي رنگ ۾ ڏيکاريل آهي )۽ جدت جي طريقي سان مدد جي فراهمي جي مهارت کي جانچيوويندو.امدادي تنظيمون 2017 جي آخر تائين ڪنيل قدمن بابت تفصيل مهيا ڪنديون.مثال طورڪٿي ٽيڪنالاجي جواستعمال وڌائي سگهجي ٿو.

- موبائيل ٽيڪنالاجي ذريعي تقسيم کان بعد جائزي جي گهرجن جي چڪاس ڪرڻ.

- ڊجيٽل پليٽ فارم(عددي بنياد) ۽ موبائيل سيٽ جي مدد سان مالياتي منتقلي.

- متاثره ماڻهن سان ڪال سينٽر/ مرڪز،ايس ايم ايس ميسيج جي ذريعي رابطوڪرڻ.

- بائيو ميٽرڪ سسٽم

- قابل اعتمادتوانائي جي ذريعي.

(2) متناسب شراڪت داري جو معاهدو ۽ شراڪت داري جي جائزي جي معلومات، جهڙي طرح متاثره ماڻهن جي مواد کي محفوظ رکڻ جا ذميدار 2017 تي وقت سر ۽ ڪم دوران نقل کان بچڻ لاءِ گڏجا ٿي ڪندا،

امدادي تنظيمن جا ڪم؛

(3) 2017 جي آخر تائين اقوام متحده، انٽر نيشنل آرگنائيزيشن فار مائيگريشن (آءِ او ايم)، ريڊ ڪراس۽ ريڊ ڪريسينٽ موومينٽ ۽ اين جي او جي دائره جي مختلف گهرجن جو شفاف ۽ خرچن جو تقابلي سرشتو مهيا ڪندا. اسين گرانڊ بارگين جي پائيوارن کي انهي عمل متعلق چاڻ ڏيندا سين -

(4) ٻئي انتظامي ڪمن ۽ مهارت سان عام واهپي جي شين جي خريداري ذريعي ٻين خرچن ۾ ڪمي آڻڻ . امدادي تنظيمن جي حاصلات ،حدف ۽ ترقي سان تقسيم کي ميڪاني طريقي سان نسبتاَ فائدو ڏيڻ گهرجي.تجويز ڪيل ميدان هيٺين ريت آهن؛

- سفر/ آمد و رفت

- گاڏين ۽ جهازن جو انتظام

- انشورنس

- جهازن تي سامان جي روانگي جي چڪاس جو طريقو

- ادارن وچ ۾ عام شين کي حاصل ڪرڻ(غيرغذائي شيون، رهائش ، صفائي ستڙائي ، خوراڪ جو سامان ) ؛

- آءِ ٽي سروس ۽ ان جو سامان؛

- تجارتي مشورا؛۽

- عام خدمتن جي امداد.

**عطيو ڏيندڙن جا ڪم؛**

(5) گڏيل مسلسل ڪارڪردگي جي جانچ ۽ ڪم جو جائزو۽ انفرادي عطيو ڏيندڙن،تشخيص،تصديق،خطرن واري انتظاميه ۽ نگراني جي جائزي کي گهٽ ڪرڻ

شريڪ منتظم؛ **يو اين ايڇ سي آر ۽ جاپان**

مددي رابطه؛ سموري ذميداري؛

**يو اين ايڇ سي آر؛ هيروڪو آراڪي**Hiroko Araki araki@unhcr.org

اقوام متحده جا هم آهنگ ادارا؛

**ڊبليو ايف پي؛ مارڪوس پرائر**Marcus PRIOR marcus.prior@wfp.org

**يونيسيف؛ آندريا سولئي** Andrea Suley asuley@unicef.org

**يو اين ايڇ سي آر؛ فاطمه شريف ـ نور** sheriff@unhcr.org

**ليس پيپر مور ايڊ؛** Jeremy.Rempel@icvanetwork.org

تقسيم ڪندڙ شراڪت دارن جو جائزو؛

**او سي ايڇ اي ايف سي ايس؛**Juan Chaves chavesj@un.org

**ليس پيپر مور ايڊ؛** Jeremy.Rempel@icvanetwork.org



**ڇا پيوٿيو؟**

- اقوام متحده جي خريداري واري شعبي جي ڊانچي/نيٽ ورڪ جي طرفان(جيڪو اقوام متحده جي 95 سيڪڙو تي مشتمل آهي)يو اين ايڇ سي آر هڪ صلاحڪار کي عارضي طور رکيو ته ممڪن ۽ قابل عمل گڏيل خريداري وارن ڪمن کي واضح ڪري، جيڪو خريداري جو گهڻو حصو والاري ٿو(مثلاََ_ غير غذائي سامان، گاڏيون، دوائن جو سامان، آءِ ٽي جا اوزار/سامان۽ خدمتون وغيره). ڊسمبر 2016 جي ورڪشاپ، انهن تجويزن تي غور ڪيو ۽ان مطالعي جو نتيجو خريداري واري ڊانچي جي مارچ 2017 واري گڏجاڻي ۾ موجود هجڻ گهرجي.

- آءِ سي وي اي ، يو اين ايڇ سي آر، يونيسيف، ڊبليو ايف پي وارن ڪان۽ او سي ايڇ اي اين جي او وارن کي ابتدائي معلومات جنوري 2017 ۾ ڏني ته مناسب تيزي سان هم آهنگ نقطن تي غور ڪجي ۽ شراڪت دارن جي چونڊ هن ريت ڪجي:

_ يو اين ايڇ سي آر شراڪت دار مرڪز جي استعمال جي وسعت،

_ معاهدي جا اهم نقطا ۽ بجيٽ

_ رپورٽنگ ۽ حساب ڪتاب جي گڏيل چڪاس.

اين جي اوسالانه شراڪت دارن سان مشورو ڪري وڌيڪ وسيع سروي ڪرائينديون ۽.

_ انساني همدردي جي لاءِ مالياتي ٽاسڪ ٽيم آءِ اي ايس سي پنهنجي طور او سي ايچ اي/ايف سي ايس هڪ مطالعو مختلف ملڪن جي تناظر ۾ تيار ڪرائيندي جيڪو شراڪت دارن لاءِ انتخاب ڪندو ته جائزي جي گنجائش ڪي ڪيئن وڌيڪ ڪار آمد بڻائجي.

**ان ۾ ڪيئن شامل ٿيڻ گهرجي؟**

_آءِ سي وي اي جا رڪن اقوام متحده جي اينڊڙ متناسب سروي جي انتخاب ڪان جوابدهي لاءِ متاثر آهن.

_ آءِ سي وي اي جا رڪن شراڪت داري جي وسعتي جائزي ۾ جيڪو بزائين جي لحاظ سان ۽، اينڊڙ آءِ اي ايس سي ايچ ايف ٽي ٽِي مطالعي تي جيڪو پي سي اي ڏيندي ان ۾ دلچسپي رکن ٿا.

_آءِ سي وي اي جا رڪن، آءِ سي وي اي جي ليس پيپر مور ايڊ ۾ آءِ سي وي اي جي طريقي سان عطيي جي ڏيندڙن جي شرطن جي ٽاسڪ فورس جي ذريعي شموليت کي پسند ڪن ٿا ،ته انهن کي هن ويب سائيٽ تي رابطو ڪرڻ گهرجي.؛ Jeremy.Rempel@icvanetwork.org

**آءِ سي وي اي جو مقصد**.

_هي ڪم جو سلسلو 10 اهم ڪم جي سلسلن ما ن هڪ پائيدارسلسلو آهي ۽ ان جو آسان ۽ متناسب رپورٽن سان قريبي تعلق آهي.

_چند ڪردار گڏيل ڪوشش جي ڪمي سبب خرچن جي متناسب ڪمي تي عمل در آمد ڪرائڻ ۾ شايد نا خوش هجن ، جڏهن ته ناروي جي ريفيوجي ڪائونسل (اين آر سي) ان سان لاڳاپيل هڪ مطالعو تيار ڪيو آهي جيڪو هميشه مدد ڪندو.



## 5. ضرورتن جو جائزو.

هن ڪم۾ گرانڊ بارگين جا شراڪت داراصل ذميدارين تي متفق آهن؛امدادي تنظيمون ۽ عطيو فرا هم ڪندڙ ادا ڪندا؛

(1) هڪ جامع،درمياني،بهتر طريقي جو ۽ هر هڪ مسئلي جو تجزياتي جائزو مهيا ڪرڻ، جاگرافيائي فيصلن کي ۽ مالياتي تجزين کي ڪيئن گهٽ ڪجي ۽ انفرادي طرح ماڻهن کي ڪيئن مدد ڪجي.

(2) مواد کي سڌو ڪرڻ ۽ تعاون ڪرڻ،هم آهنگي کي يقيني بڻائڻ، خصوصاَمقابلا جاتي ۽ متاثره ماڻهن جي زندگين ۾ مداخلت کي گهٽ ڪرڻ.

عموماَ سموري مشترڪه عمل جي جائزي کي شفاف ڪرڻ جيڪو انسانيت لاءِ هم آهنگي پيدا ڪندڙ هجي،ملڪي سطح تي انسانيت لاءِ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي ٽيم / ادارا اوچتي چڙهائي سبب تباهي جي صورت ۾ مڪمل شموليت لاءِ هم آهنگي پيدا ڪن ، ۽ گڏ ٿيل ، جتي حڪومت لاءِ ممڪن هجي. مخصوص ادارن جي ڪم جي منصوبه بندي جي جائزي لاءِ ۽ چڙهائي ڪندڙن جي سطح تي گڏيل جائزي تحت منصوبه بندي وارن کي پڻ تحفظ ڏنو وڃي ،

(3) گهرجن جي تجزياتي معلومات، ۽ مخفي خطرن جي معلومات کي مناسب ڪمي سان وقت سر ونڊڻي يا ورهائڻ. مفروضن ۽ تجزياتي طريقن کي تشهير ۽ اندازن جي طريقن لاءِ استعمال ڪرڻ جو فيصلو گڏجي ڪرڻ.
(4) مهيا ڪيل وسائل ۽ آزاد ماهرين جي جماعت جي شموليت سان مواد کي گڏ ڪرڻ ۽ گڏيل ڪم جو مڪمل طور شفاف جائزو وٺڻ جيڪو طريقي ۽ جائزي جي حدن اندر اختصار تي مشتمل هجي.

(5) انساني همدردي جي لاءِ ڪم ڪندڙ جوابده /ذميدارادارا شهادتن/گواهين جي بنياد تي تجزيا تيار ڪيا . آءِ اي ايس سي انسانيت جي لاءِ ڪم ڪندڙ جوابده/ذميدار انهي ميدان تي منصوبي جوحصو رهندا.

(6) جائزي جي تجويزن جي ضرورتن جو خصوصيت سان۽ شراڪت دارن جي اعتماد جي ضرورتن جوآزادانه جائزو ورتو ويندو.

(7) ترقياتي شراڪت دارن سان خطري ۽ حملي جي صورت ۾، مقامي اختيارين کي انساني اصولن جي حقن جي ثابت قدمي تي قائم رکڻ.انساني ۽ ترقياتي ڪمن کي هڪئي صف ۾ بيهارڻ.

شريڪ منتظمين؛ **او سي ايچ اي۽ ئي سي ايچ او**

معاون رابطا؛ **ئي سي ايچ او؛ ڊينيئل ڪلاس،**Daniel.CLAUSS@ec.europa.eu

**او سي ايچ اي؛ ايگنس ڌهور،**dhur@un.org

**ڇا پيو ٿئي؟**

- سيپٽمبر 2016 ۾ او سي ايچ اي جي جان گنگ گرانڊ بارگين، ايچ سي، ايچ سي ٽي وارن سان ان ارادي سان رابطو ڪيوته هيومينيٽيرين نيڊس اوور ويو(ايچ اين او) کي 2017 ۾ مضبوط بڻائجي.

- ئي س ايچ او،انهانسڊ ريسپانس ڪيپيسٽي(ئي آر سي) ذريعي 2017 ۾سرمايه ڪاري پروگرام شروع ڪيو، جيڪو نومبر 2016 ۾ شائع ٿيو ، گرانڊ بارگين انساني معاشري جي مقصدن کي سڌو ڪرڻ ۽ معاهدن کي مظبوط ڪندڙ مقصدن کي همتائيندو

- ئي س ايچ او اقوام متحده جي ادارن ۽ جماعتن سان متعلق آهي اين جي او ماهر ڪردارن سان گڏ اي سي اي پي ايس، آر ئي اي سي ايچ ۽ جي آءِپي ايس گهرجن جي ضرورت ۾ ڪمي کي تقسيم ٿيل معاهدن لاءِ رڌل رهنديون، ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ جاچينديون.انهن تي ئي سي ايچ او ۽ او سي ايچ اي پاران منعقد ڪرايل ورڪشاپ ۾ بحث ڪيو ويندو.

صفحو 10

- ئي سي ايچ او ۽ او سي ايچ اي28 فيبروري کان 1 مارچ 2017 تائين ٽيڪنيڪل/ فني ورڪشاپ ڪرائيندا ،جنهن ۾ گڏجي موجوده مسائل ۽ اڳتي وڌڻ جي ممڪن رستن تي غور ڪندا. ورڪشاپ حقيقي ضرورتن جي جائزي کي سمجهڻ ۽ انهن تائين پهچڻ لاءِ استعمال ٿيندي.

- 2017 جي شروعات ۾ شروع ڪيل ممڪن بنيادي سطح جي مطالعي جو بحث اهو چاڻڻ لاءِ اجا زير غور آهي ته گذريل سالن ۾ ڪيترين ضرورتن جو جائزو ورتو ويو برطانيه جو اهو بيان ڪرڻ ته گهرجن کي جائزي جي ڏنل معيار ۾ڪم جي مقابلي ۾معاهدن کي ڪيئن ترقي ڏجي.

**ان ۾ ڪيئن شامل ٿيڻ گهرجي؟**

- وڌيڪ سمجهڻ لاءِ 8 فيبروري 2017 ايس ٽي اي آءِ ٽي جي ويبنار جيڪاگهرجن جي جائزي لا ءِ ڪئي وئي ان جي ريڪارڊنگ ٻڌڻ گهرجي.

- او سي ايچ اي غير رسمي گروه جي اڳواڻي ڪري جيڪو هينئر گڏيل جائزي کي مظبوط ڪرڻ لاءِ ڪم پيو ڪري . اهو گروه علائقن ۾ ٻي سطح جي تجزياتي مواد سان جتي ضرورت هوندي ڪم ڪندڙ ٽيمن کي مدد ڪندو.اهو گروپ هر ڪنهن اداري لاءِ کليل هوندو جيڪو تجزيا تي مهارت جي لائق هوندو(لازماَ آفيس جي وقت تائين) ۽ جڏهن مواد جي ضرورت هوندي مهيا ڪندو. ڪم ڪندڙ اين جي او کي ان ۾ شامل ٿيڻ تي پلي ڪار چيو ويندو، تجزياتي مهارت لاءِ مواد ڏيڻ ۽.وڌيڪ چاڻ لاءِ رابطو ڪنداوو سي ايچ اي جي چيف ڪو آرڊينيٽيڊ اسيسمينٽ سپورٽ سيڪشن سان،ايگنيس ڏور، dhur@un.org .

- اينڊڙ مارچ 2017 ۾ او سي ايچ اي - ئي سي ايچ او جي ورڪشاپ، عملي طور تي شامل اين جي اوکي اڳتي وٺي ويندي.

**آءِ سي وي اي جو ڪردار؛**

- گرانڊ بارگين جي ڳالهه ٻولهه جي دوران گهرجن جو جائزي وارو سلسلو ڪم جي ڏه مشڪل ترين ڪم جي سلسلن مان هڪ هوجيڪو مشترڪه خيال تي پهتو.

- اين جي او چاهيو ٿي ته ڪا به مداخلت هلندڙ ڪم کي سست نه ڪري ، ۽ ان کي پنهنجي ماهرانه تجزيئي جي پس منظر ۾ ان کي آزاد ڇڏي (مثا ل طور.جنس جي بنياد تي يا معذوري جي بنياد تي).

صفحو11

## 6- شموليت ۾انقلاب/تبديلي

هن ڪم ۾ گرانڊ بارگين جا شراڪت داراصل ذميدارين تي متفق آهن؛ امدادي تنظيمون ۽ عطيو فراهم ڪندڙادا ڪندا؛

(1) ملڪ ۾ حڪومت۽ اڳواٽي جي سرشتي کي انساني همدردي جي سطح تائين بهتر ڪرڻ.

گروه /ٽيم ۽ انتظامي ڍانچي جي مصروفيتن کي ، انهن ماڻهن ۽ مسئلن جي شڪار معاشرن جي احتساب کي يقيني بڻائڻ.

(2) هڪ معيار مقرر ڪري ان معاشري ۾ مشترڪه ڪوششون ڪيون وڃن ۽ مضبوط فيصلن ڪرڻ جي ڳالهه تي زور ڏجي، اهڙن ماڻهن کي شامل ڪجي جيڪي وڌيڪ مشڪل ۾ هجن، هڪ اهڙي منصوبي تي زور ڏجي جيڪو شفافيت۽ جانچ جي مواد جو جائزو وٺي ، ۽ نقل ڪرڻ کي روڪي.

(3) مقامي ڳالهه ٻولهه ۽سازو سامان جي ٽيڪنالاجي کي ، چست، شفاف ، مناسب ۽ محفوظ موٽ /فيڊ بئڪ سان هٿي وٺرائجي،.

(4) جواب ڏهي ۽ صحيح عمل ڪندڙن جي وچ ۾ پروگرامن کي سنوت ۾ آڻڻ لاءِ تسلسل وارو ميلاپ پيدا ڪجي.

**عطيو ڏيندڙن جا ڪم؛**

(5) ما لياتي لچڪ جو پروگرام معاشري جي مطابقت سان هجي جيڪو جوابدهي ۾ مدد ڪري سگهي

(6) وقت ۽ ذريعن جي مدد سان انهن ڪمن ۾ فنڊ/ سرمايو لڳائڻ.

**امدادي تنظيمن جا ڪم؛**

(7) 2017 جي خاتمي تائين اهو يقيني بڻائجي ته سمورا انساني همدردي وارا منصوبا ۽ انهن جي جنگي بنيادن تي چڪاس، مدلل جائزو ۽ان ۾ متاثره معاشرن جي ڪردار/شموليت تي غورڪيو وڃي ،

شريڪ منتظمين؛ **ايس سي ايچ آر ۽ آمريڪا**

مددگار رابطا؛ **ايس سي ايچ آر ،ڪيٽ هالف،**SCHR@IFRC.ORG

**ڇا پيو ٿئي؟**

- ايس سي ايچ آر ۽ آمريڪا ان ڪم جي سلسلي ۾ نوان شريڪ ٿيندڙ منتظم آهن ،گرانڊ بارگين جي پائيوارن کي اهو چيو وڃي ته هي ڪم ٽن اهم ننڍن ڪم جي سلسلن ۾ ورهائي؛

(1) کولي ٻڌايو ته ”شموليت“ جي معني ڇاآ هي

(2) تسليم ڪيل معاهدن کي هٿي وٺرائي اڳتي وڌائڻ، ٻنهي جي عام معيار کي گڏائڻ سميت مواد جي جائزي ۽ حصي وٺڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم مهيا ڪرڻ .

(3) انهن جو ارادو آهي ته گرانڊ بارگين جي اهم ڪم جي سلسلي۾ تنظيمي ۽ گڏيل سطح تي موثر شموليت جي فائدن کي سمجهي ، ترقي ڏئي ۽ ان ۾ مناسب طريقي سان داخل ٿيڻ.

**ان ۾ ڪيئن شامل ٿيڻ گهرجي؟**

.ڪيئي اين جي او مٿئين نظام ۾ داخل ٿيڻ لاءِ راضي آهن مهرباني ڪري وڌيڪ معلومات لاء ايس سي ايچ آر جي ڪيٽ هالف سان رابطو ڪنِ SCHR@IFRC.ORG

**آءِ سي وي اي جو خيال؛**

۔ آءِ سي وي اي ، ايچ سي /ايچ سي ٽي اين جي او جي انهي مجموعي سان خصوصاً قومي اين جي اوسان سالن کان ڳنڍيل آهن هي تجربو لڳي ٿو ته اهڙن بحثن سان لاڳاپيل سرشتو آهي جيڪي متاثره آبادي کي شامل ڪن ٿا.



انهي ڪم جي طريقي سان ،انهن فائدن کي ڏسڻ دلچسپ ٿيندو۽ انهن اين جي او کي شامل ڪرڻ تي غور ڪجي.

۔ عام معيار جي ڪنهن به بحث ۾ ڪنهن به تقسيم ڪرڻ جي مواد تي اڳ ۾ موجود مواد جي تناظر ۾ غور ڪري سگهجي ٿو، ۽ ان جي روح ليس پيپير مور ايڊ ۾ آهي (ٻين لفظن ۾افسر شاهي کي نه وڌائجي).

## 7. گهڻن سالن تي مشتمل منصوبه بندي ۽ سرمايو

هن ڪم ۾ گرانڊ بارگين جا شراڪت داراصل ذميدارين تي متفق آهن؛ امدادي تنظيمون ۽ عطيو فراهم ڪندڙادا ڪندا؛

(ا) گهڻن سا لن تي مشتمل گڏيل ۽ لچڪدار منصوبه بندي کي ۽ گهڻن سالن تي مشتمل سرمائي جي ذريعن کي ۽ اهڙي لڪيڙه کي وڌائڻ جنهن جي ڪري پروگرام جي صلاحيت۽ تاثير ۾ واڌارو ٿئي،اهو يقيني بڻائيندي ته وصول ڪندڙ ساٿيڻي سرمائي جوانتظام، عمل در آمد ڪرڻ وارن شراڪت دارن تي لاڳو ڪندا.

(2) 2017 جي خاتمي تائين گهڻ ساله مشترڪه منصوبه بندي ۽ رد عمل وارا منصوبه گهڻ ساله سرمائي ذريعي گهٽ ۾ گهٽ پنج ملڪن جي مدد ڪرڻ ۽ ان جي رد عمل جي نتيجي لاءِ انهن جي نگراني ۽ جانچ ڪرڻ.

(3) انساني همدردي جي لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن ،ترقياتي علائقن ۽ انساني همدردي جي ادارن ۾ موجوده رابطي جي ڪوشش کي مظبوط ڪرڻ ،خطرن ، ضرورتن ۽ ترقي جي منصوبن ۾ هم آهنگي جي پيمانن جي تقسيم ۾رڪاوٽن جو جائزووٺڻ ،ٻنهي جي اصولن جو احترام ڪرڻ.

شراڪت دار منتظم؛**يونيسيف ۽ ڪئنادا**

معاون رابطه؛ **اين آر سي _ سيسيلا روسيلي** cecilia.roselli@nrc.no

**ڇا ٿيڻ گهرجي؟**

۔ يونيسيف ۽ ڪئنادا هڪ صفحي تي مشتمل عمل درآمد جو منصوبو تيار ڪري رهيا آهن انهن جو پهريون عمل انهن ڪردارن جو بنيادي نقشو ڏيڻ آهي جيڪي ان ۾ڳيئي شامل آهن جون 2017 تائين گهڻ ساله سرمائي جي پروگرام جون ڪار گذاريون انهي ۾ واضح ڪندا.

۔ نومبر 2016 ۾ گهڻ ساله منصوبي ۽ تبديلين تي غورلاءِ آءِ اي ايس سي انساني همدردي ۾ واڌاري لاءِ گڏجي غور ڪيو ۽ يو اين ڊي پي جو تبديلين لاءِ نيو يارڪ ۾ ٿيو.

۔ او سي ايچ اي هڪ مطالعي جو ذمو کنيو، گهڻن سالن جي منصوبه بندي بابت انسانيت لاءِ پروگرامن واري ڦيري کي 2018 ۾ مطالعو ڪندي ۽ ممڪن حد تائين مدد پڻ.مطالعي لا ڊي آر سي، سي اي آر، چاڊ، ڪيمرون، صوماليه، سوڊان ۽ هيٽي هوندا.

۔ گهڻ ساله سرمائي لاءِ آءِ اي ايس سي جي تحت فنانسنگ ٽاسڪ ٽيم، ايف اي او، او سي ايچ اي ۽ اين آر سي هڪ مطالعي جو آغاز ڪندا. مطالعو گهڻ ساله منصوبه بندي لاءِ تحقيقي پورائي ڪندو جيڪو او سي ايچ اي ۽ شهادت/گواهي ان جي مقصد جي اهميت وڌائيندا، بهترين ڪارڪردگي ۽ نواڻ جهڙوڪ مسئلن کي شناخت ڪرڻ جيڪي گهڻ ساله منصوبي جي سرمائي سان لاڳاپيل هجن.

۔ ايچ سي ٽي، ڊي آر سي، چاڊ،سي اي آر، صوماليه،ڪيمرون، هيٽي ۽سوڊان لاءِ مختلف زاوين سان استعمال ڪرڻ جي لاڙي جو فيصلو ڪندي ته ان ۾ ڪيئن شامل ٿيڻ گهرجي؟

.جيڪي اين جي اوايندڙ آءِ اي ايس سي  ايچ ايف ٽي ٽي جي گهڻ ساله سرمائي جي مطالعي ۾ حصو وٺڻ گهرن ،انهن کي اين آر سي جي سيسيلا روسيليcecilia.roselli@nrc.no سان رابطو ڪرڻ گهرجي.

**آءِ سي وي اي جو خيال؛**

ڳالهه ٻولهه کان اڳ ڪم جو هي سلسلو گهڻ ساله سرمائي تي مرڪوز هو. ڳالهين دوران زور هئجي گهڻ ساله منصوبه بندي تي ڏنو ويو. اين جي او لاءِ ڇا ضروري هو ته گهڻ ساله منصوبه بندي جي سرشتي طرف ڪوششون وڌائي ۽ ان کي گهڻ ساله سرمائي ۾ تبديل ڪري

- اين جي او هن ڪم جي تسلسل کي اهميت ڏيندي انسانيت لاءِ ڪم ڪندڙن جي عمل تي ڪجھ پابنديون لڳايون جيڪي هڪ سال يا ان کان گهٽ وقت جي امداد ڏيندا.هن وقت اهوڏسڻ مشڪل ٿيندو ته انسانيت لاءِ لڳايل سرمائي تي جيڪي پابنديون لڳايون ويون آهن انهن تي ڪيئن قابو پائجي ۽ اها اميد ڪئي وئي آهي ته ڪجھ ملڪي سطح جا تجربا رستو ڏيکاريندا.



## 8. نشاندهي ۾ ڪمي آڻڻ .

هن ڪم ۾ گرانڊ بارگين جا شراڪت داراصل ذميدارين تي متفق آهن؛ امدادي تنظيمون ۽ عطيو فراهم ڪندڙ ادا ڪندا؛

(1) سالانه بنياد تي ، سرمائي لاءِ علامتن ۾ ڪمي ۽ نرمي واري تاثر کي وڌيڪ موثر ۽ قابل عمل رپورٽنگ لاءِ متفقه طور تي تسليم ڪيو ويو آهي ، اهڙي رپورٽنگ 2017 جي آخر تائين شروع ڪئي ويندي.

(2) حڪومت پاران ڏنل سرمائي جي علامتن ۾ ڪمي آندي وڃي ۽ تازو انهن علاقائي گروپن جي جيڪي سرمائي ۾ گهٽ لچڪ ڏيکارين ٿا. امدادي ٽيمون پنهجي شراڪت دارن جي ذريعي پنهجي واري تي پنهنجو سرمايو ساڳي طرح استعمال ڪنديون.

**امدادي تنظيمون پابند ڪنديون ؛**

(3) شفاف رهندي عطيو ڏيندڙن سان باقاعدگي سان معلومات وندينديون، اهو معيار مقرر ڪندي ته ڪيئن سمورو/بنيادي ۽ غير نشاندهي ڪيل سرمايو مخصوص ڪيل آهي (مثال طور، تڪڙيون/فوري ضرورتون ،اوچتي تياري اڻ ڇاتل پس منظر، بهتر ڪيل انتظام لاءِ)

(4) غير متعين ڪيل ۽ آسان نشاندهي ڪيل سرمائي کي ،انهن عطيو ڏيندڙن جي تعاون کي تسليم ڪندي ظاهر ڪرڻ ۾ اضافو آڻڻ.

**عطيو ڏيندڙ ڪندا؛**

(5) انسانيت لاءِ غيرعلامتي يا نرم امداد ،2020 تائين عالمي 30 في سيڪڙو واري حدف جو مقصد اهو آهي ته آهسته آهسته ان کي گهٽ ڪيو وڃي.

شريڪ منتظمين؛ **آءِ سي آر سي ۽ سوئيڊن**

معاون رابطه؛ **ايلينا گريگوري آٽرسٽين** egaragorri@icrc.org

**ڇاپيو ٿئي؟**

- آءِ سي آر سي ۽ سوئيڊن اهو ڇاڻڻ لاءِ بنيادي نشاندهي ڪندا ته اسين ڪٿي آهيون.

- سوئيڊن وٽ عطيو ڏيندڙن جو هڪ ابتدائي رهنما گروپ گڏ هيومينيٽيرين ڊونرس(جي ايچ ڊي) آهي.

**ان ۾ ڪيئن شموليت ڪجي؟**

اين جي او ڪي بنيادي سروي ڪرڻ لاءِ خوش آمديد چئون ٿا. مهرباني ڪري آءِ سي آر سي  جي ايلينا گريگوري آٽريسٽين سان رابطو ڪيو egaragorri@icrc.org

**آءِ سي آر سي جو خيال؛**

ـ آءِ اي ايس سي هيومينيٽيرين فنانسنگ ٽاسڪ ٽيم اهم مسئلن مان هڪ مسئلي جي نشاندهي ڪئي،جيڪو اپريل 2016 جي رپورٽ ۾ ڏنو ويوجنهن ۾ عطيو ڏيندڙن جا شرط ۽ انهن جا انسانيت تي اثرات جي رد عمل جي باري ۾ پيش ڪئي .

ـ غير نشاندهي ۽ نرمي سان نشاندهي ڪيل سرمائي کي ڳنڍيو وڃي  مستقبل ۾ بحث ڪجي ته ڪيئن آسان ۽ متناسب رپورٽنگ ڪئي وڃي.

ـ گرانڊ بارگين جي لکت جي اهميت نشاندهي جي هيٺين نقطن تي ٻڌل آهي؛ سيڪريٽري جنرل “ سينٽرل ايمرجنسي ريسپانس فنڊ(سي ئي آر ايف ) اپيل ڪري سرمائي کي هڪ ارب ڊالرن تائين وڌائي ۽ٽو ڪندو ۽ اقوام متحده جي ڪنٽري بيسڊ پولڊ فنڊس(سي بي پي ايف) کي 15 في سيڪڙو تائين نئين ۽ وڏيڪ ذريعن سان وڌائيندو، جيڪو تسليم ڪيو ويوآهي اهو اِضافو  غيرنشاندهي ڪيل ۽ نرم نشاندهي ڪيل سرمائي لاءِ اهميت وارو آهي.سي ئي آر ايف جي ڪولڻ سان ممڪن آهي ته عام معاشري لاءِ سڌو تنظيمن جو سرمايو ظاهر ٿئي.”

صفحو  14

 آءِ سي وي اي سمجهي ٿي ته،سي ئي آر ايف جي سيڪريٽريٽ  تي اين جي او جوعڪس آهي اسين انهن کي دعوت ڏيڻ چاهيون ٿا ته سي ئي آر ايف اسان جي انسانيت جي لاءِ سرمايه ڪاري جي گروپ کي مطلع ڪري ته انهن جا ڪهڙا نظريا آهن.

## 9. آسان ۽ متناسب اطلاع ڏيڻ لاءِ گهرجون.

هن ڪم ۾ گرانڊ بارگين جا شراڪت داراصل ذميدارين تي متفق آهن؛ امدادي تنظيمون ۽ عطيو فراهم ڪندڙ ادا ڪندا؛

(1) 2018 جي آخر تائين آسان ۽ متناسب اطلاع جي حجم کي گهٽائڻ، ان جي عام اصطلاحن تي متفقه فيصلو ، مڪمل طور گهرجن جي شناخت ڪرڻ ۽ هڪ عام اطلاع جو ڍانچو تيار ڪرڻ آهي.

(2) هڪ ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائي اطلاعاتي نظام کي بهتر ڪري معلومات تائين رسائي حاصل ڪري سگهجي.

(3) بهتر نتيجن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اطلاعاتي معيار کي توسيع ڏئي،معلومات کي ان لائق بڻائي اطلاعن جي مهارت کي وڌائجي.

شريڪ منتظمين؛ **آءِ سي وي اي ۽ جرمني**

معاون رابطه؛

**جرمني، ٿامس ويٿونر** pol-5-io@genf.auswaertiges-amt.de

**آءِ سي وي اي، ميليسا پٽوتي** Melissa.Pitotti@icvanetwork.org

**ليس پيپر مور ايڊ، جرمي ريمپيل** Jermy.Rempel@icvanetwork.org

**ڇا پيو ٿئي؟**

ـ جرمني جي اداري گلوبل پبلڪ پاليسي انسٽيٽيوٽ(جي پي پي آءِ) جي مدد سان ڪيترين ئي اطلاعاتي گهرجن جو جائزو ورتو ۽ “3+10” اطلاعن جو متناسب بيانيو پيش ڪيو ويو، جن 10 سوالن کي اهم سمجهيو ويو انهن مان 3 سوال خاص تناظر ۾ هيا.

-18 جنوري 2016 ۾ جنيوا ۾ هڪ ورڪ شاپ منعقد ڪئي وئي جتي جرمني ۽ آءِ سي وي اي ، گرانڊ بارگين جي پائيوارن کي وري گڏ ڪيو ته جي پي پي آءِ جي تحقيقي تجويز تي بحث ڪيو وڃي ۽ اڳتي جي لاءِ منصوبو تيار ڪيو وڃي.

- جرمني ۽ آءِ سي وي اي گرانڊ بارگين جي پائيوارن وٽ پهتا، جي ايچ ڊي گروپ ۽ آءِ اي ايس سي، جي پي پي آءِ جي تجويز جو قانوني جواب ڏينداءِ رضا ڪار پرتي ڪندا، 3+10 چند ملڪن جي تناظر ۾عطيو ڏيندڙن جي ابتدائي چڪاس ڪندا ، اقوام متحده جا ادارا ۽ اين جي او بيان ڪيل مقصد تي گڏيل پروگرام لاءِ اڳتي ايندا.

- ابتدائي پروگرام برلن ۾ رضاڪارن جي گڏجاڻي جي موقعي تي 24 مارچ 2017 تي شروع ڪيو ويندو.

**ان ۾ شرڪت ڪيئن ڪجي؟**

- اهي اين جي او تنظيمون جيڪي ليس پيپر مور ايڊ جي اطلاعن واري محور جي حمايت ڪرڻ چاهن ٿيون، اقوام متحده سان هم آهنگ ۽ پي سي اي وارا آءِ سي وي اي جي ڊونر ڪنڊيشنس ٽاسڪ فورس ۾ جرمي ريمپيل سان رابطو ڪندي شامل ٿي سگهن ٿيون Jermy.Rempel@icvanetwork.org

- جيڪي اين جي او ملڪي سطح تي اطلاعن تحت شرڪت ڪن انهن کي جلدي جرمي ريمپيل سان رابطو ڪرڻ گهرجي Jermy.Rempel@icvanetwork.org

آءِ سي وي اي جو مقصد؛

- روزاني تجربي جي حساب سان پاهر ۽ هيڊ ڪوارٽر ۾ ۽ اين جي اوعملي ۾ حقيقي فرق سمجهڻ جوهڪ موقعو آهي هي ڪم جو سلسلو تمام حقيقي آهي - - آءِ سي وي اي ڪوشش ڪري ٿوته ڪم جي سلسلن ۾ رابطو هجي جيڪي آءِ اي ٽي آءِ(شفافيت) ۽ انتظامي خرچن ۾ ڪمي آڻين (اقوام متحده ۽ اين جي او جي شراڪت دارن سان).

صفحو 15

# 10- انساني بهبود لاءِ ڪم ڪندڙن ۽ ترقياتي ڪردارن جي رابطي کي مظبوط ڪرڻ.

هن ڪم ۾ گرانڊ بارگين جا شراڪت داراصل ذميدارين تي متفق آهن؛ امدادي تنظيمون ۽ عطيو فراهم ڪندڙ ادا ڪندا؛

(1) موجود وسيلن سان لياقت کي بهتر بڻائيندي انسانيت جي گهرجن کي ڊگهي عرصي لاءِ گهٽ ڪري، نتيجن کي ڏسندي ترقياتي مقصدن کي جاري رکڻ. اضافي ۾ با معني رڪاوٽ ۾ڪمي آڻ، اڳواٽ تياريءِ وسائل کي بحالي لاءِ محفوظ رکڻ . ان تي نه صرف امدادي تنظيمن کي يا عطيو مهيا ڪندڙن کي توجه ڏيڻي آهي پر قومي حڪومت ،عام معاشرو ۽ نجي ادارا پڻ هر سطح تي توجه ڏين.

(2) لڏ پلاڻ ڪندڙ ماڻهن جي مدد جاري رکڻ مهاجرن جي پائيدار حل جي لاءِ سرمايو لڳائڻ۽ اندرون ملڪ لڏ پلاڻ ڪندڙ مهاجرن کي مدد ڪرڻ، واپس ٿيندڙ ۽ ميزبان/ مهمان معاشرن کي مدد ڪرڻ ،يا جهڙي طرح بار بار تڪليف واري صورت حال ۾ ماڻهو هجن انهن جي مدد ڪرڻ.

(3) ناپائيدار صورتحال ۾ قومي ۽ مقامي نظام کي مظبوط ڪري پيهر امن قائم ڪجي سماجي تحفظ جي پروگرامن کي وڌائڻ،۽مقابلي ڪرڻ جو سرشتو جوڙڻ

(4) انساني ترقي،پائيداري ۽ امن قائم ڪندڙ معاشرن جي وچ ۾ گهٽي انديشي واري خطري کي گڏيل طريقي سان حل ڪجي۽ تڪليف ده صورتحال جو جائزو وٺي ۽ جتي قابلِ عمل هجي گهڻ ساله منصوبه بندي ۽ متعلقه قومي ۽ علاقائي مدد ذريعي مختلف طريقن سان نتيجن کي حاصل ڪرڻ. اهڙا مختلف نظريا نتيجن لاءِ مختلف طريقن جي جائزي کي بنياد بنائيندي تيار ڪيا وڃن،

(5) نئين شراڪت دارن ۾ قوت پيدا ڪرڻ ته اضافي اهليت پيدا ٿئي ۽ جهگڙن وارن ملڪن کي انهن جي اهليت مطابق وسائل گهڻ رخي بينڪن جي ذريعي ڏجن ۽ جديد پائيوارن جي نجي شعبي ۾ حوصله افزائي ڪئي وڃي.

شريڪ منتظمين؛ **يو اين ڊي پي ۽ ڊينمارڪ**

معاون رابطه؛ **تيجا ڪونٽينن - شارپ(يو اين ڊي پي)** taija.kontinen@undp.org

**جيٽي مچلسن(ڊينمارڪ)** jetmik@um.dk

**سارا سيڪنس(آءِ اي ايس سي هيومينيٽيرين ڊويلپمينٽ ٽاسڪ ٽيم)**sara.sekkenes@undp.org

**نوٽ؛**

گرانڊ بارگين ڪم جي 10 سلسلن ۾ ٻين ڪان ڪم جي حساب سان مختلف آهي ؛

- ان جي رسد ۽ نتيجا ڪنهن حد تائين ٻين برابر ڪم ڪندڙ سلسلن ڪان(گهڻ ساله منصوبه بندي ۽ سرمايه ڪاري؛ ضرورتن جو جائزو ۽ مقاميت تي مشتمل آهن) محفوظ آهن.

- ٻين ڪمن سان ڳنڍڻ/ملائڻ مظبوط پاليسي.جو جزو آهي ڪم جو سلسلو عملن ۾ پيڙه جي پٽر جي حيثيت حاصل ڪري ٿو، جهڙي طرح ڪم ڪرڻ جو نئون طريقو ڳوليو ويو ۽ ڪمپريهينسو ريفيو جي ريسپانس فريم ورڪ تي عمل درآمد جيڪو 19 سيپٽيمبر جي سمٽ آن لارج موومينٽس آف ريفيوجيز اينڊ مائيگرينٽس مان وڏي پيماني تي ظاهر ٿيو، اهي ٻئي مثال ڪمن جا آهن جيڪي مقصدن کي ملائن ٿا ۽ اهي گرانڊ بارگين جا نتيجا آهن پر اهي گرانڊ بارگين پاران نه ٿا هلايا وڃن.

**ڇا ٿيو ٿئي؟**

يو اين ڊي پي ۽ ڊينمارڪ فيبروري 2017 تي سموري ڪم جي سلسلن کي معلوماتءِ چاڻ ڏيڻ جو آغاز ڪن پيا، جيڪو بهترين عمل آهي. اهي 12 ، 13 مارچ 2017 تي ڪوپن هيگنِ۾ هڪ گڏجاڻي جو انعقاد پڻ ڪندا،جنهن ۾معياري طريقي کي همتايو ويندوجيڪو وڏايل ذميدارين کي 4 ملڪن جي دائري ۾آڻيندو.

صفحو 16

- گرانڊ بارگين جي ڪم جي ڏهين سلسلي آءِ اي ايس سي هيومينيٽرين فنانسنگ ٽاسڪ ٽيم ۽ آءِ اي ايس سي ٽاسڪ ٽيم آن دي هيومينيٽيرين_ڊويلپمينٽ جي مدد سان ڪجهه نتيجا بر آمد ڪيا .

- 2017 ۾ ايچ ايف ٽي ٽي امن جي ڪم کي وڌائيندي

1) سرمائي جي آمد جو نقشو ۽ ملڪن ذريعي سرمائي گڏ ڪرڻ جو سرشتو انساني ترقي جي ڪمن کي ملائيندو؛ۦ

2) سرمائي جي سمورن ڪمن ۾ سرمائي جي ورچ کي جانچڻ لاءِملڪي سطح تي اهڙو تصور تيار ڪيو وڃي ته جيئن شراڪت دارن سان جهڙوڪ يو اين ملٽي پارٽنر ٽرسٽ فنڊ(اقوام متحده جو مشترڪه شراڪت داري سرمائي جوٽرسٽ)،گڏجي ملڪي سطح تي سرمائي جي جائزي لاءِ سرشتو ڏنل تناظر ۾ ٺاهيو وڃي.

- آءِ اي ايس سي ٽاسڪ ٽيم جو ڪم انساني ترقي جي ميلاپ لاءِ اڳ ۾ ئي جاري آهي انهي گروپ گڏجي اقوام متحده وٽ تبديلي لاءِ رجوع ڪيو آڪٽوبر 2016 ۾ ۽ ڪم جي هڪ نئين منصوبي تي انساني همدردي،امن ۽ ترقي لاءِ ڪم ڪندڙ ڪردارن تي راضي ٿيا.ورڪشاپ جي اهم نتيجي طور ته شريڪ ٽيندڙ رڪن ٻن گروپن لاءِ اهڙو نقشو ٺاهين جيڪو ميدان ۾ بهتر ڪم ڪرڻ ۾(ممڪن حد تائين) مدد ڏئي، گڏيل جائزي، جاگرافيائي منصوبه بندي ۽ اهي مشترڪه پروگرام ٺوري، وچولي ۽ ڊگهي عرصي وارا جن جا گڏيل نتيجا ابتڙ آيا هجن ،جن جو بنياد مقابلتاً مظبوطي تي مخصوص هجي.

- انهي واقع مثبت تجويزون تيارڪيون آهن مستقبل قريب ۾اضافي گڏيل پناه گاه ، سرمائي، تعاون ۽ اڳواٽي جو موضوع تجويز ڪيو ويو آهي ۽اهو ڊبليو ايچ ايس جي معاهدن جي عملن ۽ گرانڊ بارگين جي پوئواري جي تناظر سان لاڳاپيل آهي. ٽي بي سي تاريخن سان، دعوت ناما يو اين ورڪنگ گروپ آن ٽرانزيشن ۽ آءِ اي ايس سي ، اين جي او، آءِ ايف آر سي ۽ آءِ سي آر سي کي ميمبرٽيڙ لاءِ اُماٽيندو .

**ان ۾ ڪيئن شامل ٿجي؟**

- اين جي او، ان ۾، آءِ اي ايس سي هيومينيٽيرين ڊولپمينٽ جي ڪم جي سلسلي جي جڙڻ سان ۽ آءِ اي ايس سي هيومينيٽيرين فنانسنگ ٽاسڪ ٽيم کي ڪم ۾ داخل ڪندي شامل ٿي سگهندي.گراند بارگين جي ڪم جا ٻيا سلسلا پڻ اين جي او جي لاءِ اهم آهن جيئن عمومي طور سلسلي 10 جي نتيجن جي شڪل ۾ آهن - هڪ پيرو معلومات جي ڏي وٺ جي پليٽ فارم جو آغاز ڪجي اهو پڻ معلومات جو ڪليل ذريعو ٿيندو جيڪوڏ ڪم ڪندڙ استعمال ڪري سگهندا

**آي سي وي اي جا خيال؛**

آي سي وي اي ۽ اين جي او سيپٽمبر 2016 ۾گڏيل پناه گاه ۾ شرڪت ڪئي ته گڏيل جائزي تي ۽ گڏيل منصوبه بندي تي ڳالها ئجي جنهن ۾زياده توجهه يو اين جي طريقهءڪار تي آهي

- هتي گهري خواهش ڏسجي ٿي ته انساني ترقياتي ۽ گهڻ رخي ڪمن جي تنظيمن ٻنهي جي وچ ۾انسانيت جي اصولن ۽ ترقي جي ٿوس اوزارن جي مصروفيت کي ترقي ڏني وڃي .

## گرانڊ بارگين جي پوئواري ڪندي.

- گرانڊ بارگين جو هاڻي" فيسيليٽيشن گروپ"(سهولت مهيا ڪندڙگروپ) جيڪو گرانڊ بارگين جي مليل جليل شراڪت دارن جي انهن نمائندن تي مشتمل هوندو،ئي سي ايچ او،آءِ ايف ار سي،او سي ايچ اي، ايس سي ايچ آر، سوئيزر ليند، اقوام متحده جي عورتن واري شاخ ۽ ڊبليو ايف پي. اهو گروپ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ متواتر گڏجاڻيون ڪندو جهڙوڪ جائزو وٺڻ ۽ انهن کي پنهنجو پاڻ اطلاع ڪرڻ،گرانڊ بارگين لاءِ سالانه آزاد رپورٽ تيارڪرڻ ۽ سالانه گرانڊ بارگين جي پائيوارن کي گڏ ڪرڻ لاءِ گڏجاڻي جي منصوبه بندي ڪرڻ ۽ .

- فيسيسليٽيشن گروپ کي سيڪريٽريٽ جي ملازمن جي مدد هوندي، جيڪو آءِ اي ايس سي سيڪريٽريٽ جي ميزباني جنيوا ۾ڪندو. جلد ئي تازوويب پيج ٺاهيو ويندو،جنهن ۾ گرانڊ بارگين جي وڌيڪ معلومات هوندي. ،اهو سمجهيو ويندو ته اهي آفيسون بهتر نمونى سان رابطو ڪري سگهنديون هلندڙ ڪمن ۽ گرانڊ بارگين جي ڪوشش درميان، ۽ ٻٽين ڪوشش ۽ ڪمن کي گهٽ ڪرڻ جي مقصد ۾ جيئن اهي گڏ آهن.



- گرانڊ بارگين جي هڪ ممتاز شخصيت مس ڪرسٽالينا جيار جيوا جيڪا يورپين ڪميشن جي آهي ان سربراهي ڪئي، جنهن جو ان ۾ ڪردار 2016 جي آخر تائين آهي. هاڻي هو عالمي بينڪ ۾ ملازمت ڪري رهي آهي، فيسيليٽيشن گروپ هينئر هڪ اهڙي ممتاز شخصيت چاهي ٿو.

- جيڪي اين جي او گرانڊ بارگين سان معاهدو ڪرڻ چاهين انهن کي خوش آمديد چيو ويندو ،گرانڊ بارگين جي آفيس سان رابطو ڪن. گرانڊ بارگين سان معاهدو لازمي نه آهي،پر گرانڊ بارگين جا پائيوار ان کي سنجيده وٺن ٿا ۽ سالانه رپورٽ ڏين ٿا ته انهن پنهنجا حدف ڪيئن حاصل ڪيا. جڏهن ڪا ن گرانڊ بارگين بابت ڳالهايو ويو ،هيئين غير شير ياز ان تي صحيح ڪئي آهي.

| **عطيو مهيا ڪندڙ ملڪ** | **ادارا** | |
|---|---|---|
| - بلغاريه | يو اين عورتن جو شعبو | گلوبل ڪميونٽي |
| - چيڪو سلواڪيه | يو اين ايف پي اي | سي آر ايس |
| - اٽلي | ڪيئر انٽر نيشنل | اين آر سي |
| - لگزمبرگ | سيريا رليف ترڪي | ڪرسچئن ايڊ |
| - اسٽونيا | آءِ آر سي | آءِ ايل او |
| - اسپين | رليف انٽر نيشنل | سي اي ايف او ڊي |

ـ سلو وينيا　　　　　　　　　　مرسي ڪارپس　　　　　　　　　　ڪئريٽاس اسپين

ـ فن لينڊ　　　　　　　　　　ورلڊ ويزن

ـ آئر لينڊ

ـ پولينڊ

ـ انهي جو مطلب ته گرانڊ بارگين جي پائيوارن جو هن مضمون لکڻ تائين ڪل تعداد 50 هو (22 عطيو فراهم ڪندڙ ۽ 28 انسانيت لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمون).

ـ سالانه هڪ آزاد رپورٽ گرانڊ بارگين عمل در آمد تي جوڙي ويندي جيڪي 6 فيبروري 2017 تائين واعدا هئا. آخري پنهنجون رپورٽون 27 مارچ 2017 تائين ڏيڻيون آهن ۽ گرانڊ بارگين جي ويب سائيٽ تي رکيون وينديون.

ـ فيسيليٽيشن گروپ گرانڊ بارگين ڏانهن هڪ چٺي ايڊ ميموآئر آن جينڊر مين اسٽريم موڪلي آهي، جيڪا گرانڊ بارگين لاءِ اقوام متحده جي عورتن واري شعبي ''انفارمل فرينڊس آف جينڊر ''(جنس جاغير رسمي دوست) تيار ڪئي آهي.

ـ گرانڊ بارگين جي شراڪت دارن جي ٻي گڏجاڻي ئي سي او ايس او سي انسانيت جي معاملن جي حصي (هيومينيٽيرين افيئرس سيگمينٽ) کان پهريان 20 جون 2017 تي جنيوا ۾ ٿيندي.

## آءِ سي وي اي جون انساني همدردي جي سرمائي لاءِ ڪوششون

**گرانڊ بارگين ۾ ؛**

ـ گرانڊ بارگين جي ڳالهه ٻولهه ۾ آءِ سي وي اي انهن ٽن اين جي او جي جماعت مان هڪ آهي. گرانڊ بارگين جي ڳالهه ٻولهه کان اڳ آءِ سي وي اي ان جي رڪنن ڏانهن صورتحال جو هڪ مضمون تيار ڪرائي جواب جي لاءِ موڪليو.هر هڪ ڳالهه ٻولهه کان پوءِ آءِ سي وي اي هڪ رپورٽ ميمبرن ڏانهن جائزي لاءِ اماڻي .ڪاغذات آءِ سي وي اي ميمبرن لاءِ http://www.icvanetwork.org/humanitarian-financing. تي موجود آهن .

ـ آءِ سي وي اي جرمني سان گڏ گرانڊ بارگين ڪم جي سلسلن ۾ آسان ۽ متناسب رپورٽنگ جو اهتمام ڪيو.آءِ سي وي اي ۽ جرمني گرانڊ بارگين شير پازجي گڏجي هڪ ورڪشاپ ۾ ميزباني ڪئي معاهدن جي زبان تيءِ آئنده واعدن کي مڪمل ڪرڻ تي غور ڪيو .



ـ آءِ سي وي اي جرمني سان گڏجي بون ۾ سيپٽمبر 2016 تي گرانڊ بارگين جي شراڪت دارن جي ميزباني ڪندو ، جيڪا گرانڊ بارگين کي ڳالهه ٻولهه مان تبديل ڪري عمل درآمد ڏانهن تبديل ڪندي جنهن جو بنياد گڏيل راءِ سان آءِ سي وي اي ۽ جرمني جوڙيندا.

**آءِ اي ايس سي جي ذريعي؛**

ـ آءِ سي وي اي انهن ٽن اين جي او جي جماعت مان هڪ آهي جيڪا **انٽر ايجنسي اسٽينڊنگ ڪاميٽي (آي اي ايس سي)(ادارن درميان ويهڪ ڪاميٽي** )۾ حصو وٺي ٿي ،جيڪا يو اين جي ادارن، ريڊ ڪراس ريڊڪريسينٽ موومينٽ، اين جي او، ورلڊ بينڪ سين کي گڏ ڪري ٿي ۽اهي ٻين عام مسئلن کي حل ڪندا جيڪي انسانيت آڏو آهن.

ـ آءِ سي وي اي ، او سي ايڇ اي/ سي ئي آر ايف هڪ اضافي اداري آءِ اي ايس سي جيڪا آءِ اي ايس سي **هيومينيٽيرين فنانسنگ ٽاسڪ ٽيم (ايڇ ايف ٽي ٽي)** جي نالي سان سڏجي ٿي، سان گڏجي اڳواڻي ڪندي. ايڇ ايف ٽي ٽي جا مقصد آهن؛

1. مناسب۽ قابل رسائي سرمايو،

2. عطيو فراهم ڪندڙن جي پاران بوجه وجهندڙ شرطن ۾ گهٽتائي،

3. ورهايل انسانيت جي ترقي لاءِ پل جو ڪردار ادا ڪرڻ،۽

4. امدادي ڪمن ۾ شفافيت ڪي وڌائڻ.

اهي سڀئي گرانڊ بارگين سان تعلق رکن ٿا، ۽ يقيني گرانڊ بارگين جي حصن لاءِ نتيجي طور ايچ ايف ٽي ٽي جو رسمي ڪردارعموماً عمل در آمد لاءِ جي ايچ ڊي فراهم ڪندڙن سان گڏجي ادا ڪندي،

- آءِ سي وي اي جا رڪن انهن ڪوشش ڪي مدد ڪندا فقط آءِ سي وي اي جي اين جي او **هيومينيٽيرين فنانسنگ ورڪنگ گروپ** ۾ شامل ٿي. وڌيڪ معلومات لاءِ رابطو ڪندا Melissa.Pitotti@icvanetwork.org

**ليس پيپر مور ايڊ؛**

ڪجھ اهم فني تجويزن مان بحث سان ڳنڍيل رپورٽن مان، فقط اقوام متحده جي متناسب شراڪت داري آءِ اي ٽي آءِ ، آءِ سي وي اي - اين جي اوڊونرس ڪنڊيشن ٽاسڪ فورس ۾ جاءِ وٺي سگھي ٿي.

- هن ٽاسڪ فورس ڪي ،آءِ سي وي اي جي ليس پيپر مور ايڊ جي ڪمن ۾ رهنمائي هوندي ، جيڪي اين جي او جي ميدان ۾ ۽ هيڊ ڪوار ٽر جي ملازمن ڪي سرمائي جي جانچ پڙ تال جي اثر جو مشاهدو ڪري ڏيڪاريندين، ۽ پائيوارن جي طاقت جو تجزيو.جائزي جو نتيجو ۽ تجويز ڪيل“تبديلي جو ڍانچو” گرانڊ بارگين يو اين جي ڏرين جي متناسب رپورٽنگ، ۽ ڏرين جي جائزي جي قوت جي چوڏاري اهم ڪردار ادا ڪندو. وڌيڪ معلومات ۽رابطي لاءِ ليس پيپر مورايڊ جي پروجيڪٽ ڪو آرڊينيٽر جرمي ريمپيل سان رابطوڪيو .Jeremy.Rempel@icvanetwork.org



## ضميمو نمبر هڪ:رڪن_ انساني همدردي لاءِ سرمائي جو اعلي سطحي پينل

شريڪ اڳواڻ؛

- مس ڪرسٽا لينا جيارجيوا، بلغاريه

وائيس پريزيڊنٽ ،بجيٽ ، انساني وسائل۽ يورپين ڪميشن.

- ايچ آر ايچ سلطان نذرين شاه، ملائيشيا

پيراڪ ملائيشيا جو حڪمران

ترتيب وار پينل ؛

- مس حديل ابراهيم، برطانيه

ابراهيم فائونڊيشن جي ميمبر ۽ ايگزيڪٽو ڊائريڪٽر

- جناب بدر جعفر، متحده عرب امارات

ڪريسينٽ گروپ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر

- جناب والٽ ميڪني، ڪئناڊا

ماسٽر ڪارڊ جووائيس چيئرمين

- جناب ٽريور مينوئيل، سائوٿ آفريڪا

روٿسچائلڊ گروپ جو سينئير ايڊوائيزر

- مس لينا موهولو، بوٽسوانا

بينڪ آف بوٽسوانا جي گورنر

۔ جناب دهنن جائن سرسڪندار اجا، سري لنڪا

سي آءِ وي آءِ سي يو ايس جو جنرل سيڪريٽري

۔ مس مارگٽ والسٽرام، سوئيڊن

وزيرِ خارجه

**صفحو 20**

## ضميمو نمبر ٻه ؛ايچ ايل پي رپورٽ جون سفارشون

ضرورتن کي گهٽ ڪرڻ؛ هڪ گڏيل ذميداري

پينل جون تجويزون؛

1. امدادي ڪاروائين جي ڪمي متعلق نئين طريقي سان جوڙجڪ ڪرڻ۽ رڪاوٽن جي حالتن کي روڪڻ .

2. مقامي پيداوار۾مالياتي گنجائش پيدا ڪئي وڃي ،قومي ۽ مقامي پيداوار ۾ وسعت سان مالياتي گنجائش پيدا ڪري ردعمل ۽ مسائل کي روڪڻ .

3. جتي ممڪن هجي مالياتي ترقي کي وڌايو وڃي، نازڪ وقت جي لاءِ خاڪو ٺاهجي ،۽انسانيت جي مالي ترقي لاءِ گڏيل پروگرام ترتيب ڏنا وڃن.

4. گهٽ سود واري قرض لاءِ اهليت جي معيار کي تبديل ڪيو وڃي ۽ ضرورتمند ماڻهن جي لاءِ امداد ڏني وڃي.

5. انٽر نيشنل ڊويليپمينٽ ايسو سيئيشن (آءِ ڊي اي)(بين الاقوامي ترقياتي ايسوسيئيشن) جي مالي مسائل جي ردعمل کي گهٽ ۾ گهٽ ٽن حصن تائين وڌايووڃي.

وسائل جي بنياد تي انسانيت جي عمل کي اونهون ۽ وسيع ڪرڻ

**پينل جون سفارشون**

1. بي گهر ٿيل ماڻهن جي صحت جي بهتري لاءِ آزاد بين الاقوامي سرشتو ٺاهيووڃي.

2. نون سرمايو فراهم ڪندڙن کان زياده سرمايو گڏ ڪرڻ ۽ انهن کي يقين ڏيارڻ ته انهن جي انسانيت جي لاِ امداد مناسب ڪي ٽريڪنگ سسٽم جي ذريعي وصول ڪئي ويندي.

3. نجي ادارن کان امداد جنس جي صورت ۾ونجي ، يو اين گلوبل ڪمپيڪٽ جي ذريعي نوان اثاثه، مهارت ۽ صلاحيت کي وڌائڻ جا موقعا پيدا ڪيا وڃن.

4. احتياطي سرمائي جي هٿيار کي تباهي طرف ويندڙ ملڪن لاءِ تيارڪيو ۽ همٿايو وڃي.

5. اسلامي سرمائي کي مڪمل امڪاني ٿيڻ ڏجي.

6. بين الاقوامي زرائع ابلاغ کي زياده مضبوط بنيادي سرشتو ڏنو وڃي ۽انفرادي طور قابلِ اعتماد بڻايو وڃي.

**گرانڊ بارگين پنهنجي قابليت جي بنياد تي رسد کي بهتربڻائي**

**پينل جون سفارشون؛** انسانيت جي لاءِسرمايو فراهم ڪندڙن جي گڏجاڻي کان امدادي تنظيمون گڏيل طريقي سان ڪم ڪندي موجودسرمائي کي گهڻن ضرورتمند ماڻهن تائين ڦهلائن/پکيڙين.

**گرانڊ بارگين جا اهم عنصرهي آهن؛**

امدادي تنظيمونءِسرمايه ڪار ان ڏس ۾ وڌيڪ ويجهو ۽ گڏجي ڪم ڪندا؛

- زياده مالي شفافيت سان.
- سڀ کان پهرين قومي سطح تي رد عمل ڏيندڙ ن لاءِ وڌيڪ سرمايو ۽ مدد.
- مالياتي بنياد جي پروگرامن جو پيمانو وڌائڻ ۽ ان جي رسد ۾ وڌيڪ تعاون ڪرڻ.

**امدادي تنظيمن جي ڪرڻ جا ڪم؛**

- انتظامي ۽ ٻئي قسم جي خرچن کي گهٽائڻ.
- وقتاَ فوقتاَ ٿيندڙ اخراجات جو جائزو وٺڻ.
- غير جانبدار ۽ گڏيل گهرجن جو جائزو وٺڻ.
- اڪثريت جي شرڪت؛انهن کي زياده ٻڌڻ ،شامل ڪرڻ ۽ فائدو حاصل ڪندڙن کي فيصلي ۾ شامل ڪرڻ جيڪي انهن تي اثرانداز ٿين ٿا.

**سرمايو فراهم ڪندڙهي ڪم ڪندا؛**

- انساني همدردي لاءِ وڌيڪ گهڻ ساله سرمايو گڏ ڪرڻ.
- انساني همدردي لاءِ ڪم ڪندڙامدادي تنظيمن کي گهٽ مخصوص ڪرڻ.
- وڌيڪ آسان ۽ متناسب رپورٽنگ لاءِ گهرجن جي پورائي ڪرڻ.

# <u>اعلان لا تعلقی/اعلان غير ذميداري.</u>

**هي مختصر تحريري مواد دراصل آءِ سي وي اي فيبروري 2017 ۾ انگريزي ۾ شايع ڪرايو.**

**ان جي ڦهلاءُ ۽ نشر و اشاعت جي مقصد لاءِ سنڌي ٻولي ۾ ترجمي جو اهتمام آڪسفيم ڪيو.**

**ڪنهن تحريري فرق يا اختلاف جي صورت ۾ اصلي يا بنيادي انگريزي مواد آڏو يا سامهون رکيو ويندو.**